

زينت، اِرمءِ ليلىٰ  هڪ پاڙي ۾ رهنديون هيون. هو شام جي وقت گڏجي کيڏنديون هيون. گرمين جو موڪلن ۾ زينت جي سؤٿ مُسڪان بہ سندن گهر آيل هئي. هڪ شام زينت، مُسڪان کي وٺي پاڙي ۾ پنهنجي ٻنهي سهيلين سان راند کيڏڻ لاءِ آئي.



سڀ راند ڪيڏڻ لڳيون، ٿورو پري مُسڪان دروازي تي خاموشي سان ويهي انهن کي ڪيڏندي ڏسندي رهي. زينت، مُسڪان کي راند لاءِ سڏ ڪيو.



اِرم چيو ”مُسڪان ڪيئن ڪيڏندي؟ هن جي هڪ هٿ تہ ڪم ئي نہ ٿو ڪري.“ زينت چيو: ”ها ننڍپڻ کان ئي ڪنهن بيماري سبب مُسڪان جي هٿ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو.“



استاد بہ مُسڪان جي تمام گھڻي تعريف ڪندا آھن. مُسڪان گھر جي ڪمن ۾ بہ پنھنجي ماءُ جي مدد ڪندي آھي. ھُيءَ پنھنجا سڀ ڪم پاڻ پنھنجي ڪابي ھٿ سان ڪري ٿي ۽ ان لاءِ ڪيس ڪا بہ مشڪل ناھي ٿيندي.“



اِرم شرمسار ٿي چيو: ”مون کي پنهنجي چيل ڳالھ تي تمام گھڻي شرمندگي آهي. مون کي ائين نہ چوڻ گھرجي ها.“ زينت



ڳالھ ڪي ڦيرائيندي چيو: ”ٺيڪ آھي ڪا ڳالھ ناھي ھاڻي وڌيڪ ڳالھيون ڇڏيو. ھلو تہ گڏجي ڪيڏون.“ سيئي مُسڪان وٽ آيون ۽ ڪيس راند لاءِ صلاح ڪرڻ لڳيون.



مُسڪان خوش ٿي راند لاءِ آئي. سڀني
فيصلو ڪيو تہ اسٽاپو راند ڪيڏجي. چار ئي
سَهيليون ڪافي دير تائين راند ڪيڏنديون



۽ مُسڪان سان ڪچهري ڪنديون رهيون. مُسڪان کين ٻُڌايو تہ هوءَ پنهنجي اسڪول ۾ ڊوڙ جي مقابلي ۾ هميشہ پهريون نمبر ايندي آهي.



سڀني چيو ڇو نہ ڊوڙ جو مقابلو ٿي وڃي؟
هنن ميدان تي هڪ لائين لڳائي، زينت
چيو مان جج ٿي توهان کي ڏسندس تہ
ڪير ٿو مقابلو کٽي. زينت هنن کي قطار



۾ بيهاريو. اِرم، ليلىٰ ۽ مُسڪان ڊوڙ لاءِ
تيار ٿيون. ڊوڙ ڪان پهرين هنن نعرا لڳايا.
ڊوڙ شروع ٿي.



هر ڪواهو مقابلو ڪٽڻ لاءِ تيزيءَ سان ڊوڙي رهيو هو. اِرم کي پڪ هئي تہ هوءَ مقابلو کٽيندي پر مُسڪان سيني کان اڳيان نڪري اهو مقابلو کٽي ورتو. زينت ۽ ليليٰ خوش ٿيون. اِرم بہ مُسڪان کي ڀاڪر پائي دل سان مبارڪون ڏنيون. ٿنهي چيو: ”واهہ! ڪو بہ ڪنهن کان گهٽ ناهي.“

# ٻِگ ٻُڪس

# BIG BOOKS

## (ٻئي درجي لاءِ)

پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ (USAID-Pakistan Reading Project) يُو ايس ايڊ (USAID) جي مالي سهڪار سان عمل ۾ ايندڙ پنج سالہ پروگرام آهي. جنهن جو مقصد پاڪستان ۾ صوبائي ۽ علائقائي تعليم کاتي جي تعاون سان شروعاتي دَرجن جي شاگردن ۾ 'پڙهڻ' جي صلاحيتن ۾ بهتري آڻڻ آهي. ان سلسلي ۾ پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ ٻئي دَرجي جي شاگردن ۾ سنڌي پڙهڻ جي مهارتن کي وڌائڻ لاءِ هِي تدريسي مواد تيار ڪيو آهي.

ٻِگ ٻُڪس انهيءَ تدريسي مواد جو اهم حصو آهن. هي ڪتاب استاد، شاگردن آڏو 'وڏي آواز ۾ پڙهڻ' ( Read Aloud) واري طريقي مطابق پڙهندا. 24 هفتن لاءِ 12 ٻِگ ٻُڪس لکيا ويا آهن. هر ٻِگ ٻُڪ جي پنيان استادن لاءِ اُن هفتي جي پڙهڻ جي مهارتن لاءِ سرگرميون ڏنيون ويون آهن. وڏي آواز سان پڙهڻ دوران ان ڳالهہ جو خيال رکڻ گهرجي تہ شاگردن کي مڪمل ڪهاڻي پڙهي ٻڌائجي. ٻِگ ٻُڪس جون هي ڪهاڻيون لکڻ دؤران ڪيترن ئي اصولن کي نظر ۾ رکيو ويو آهي. مثال طور، مخصوص موضوعن جي چونڊ، شاگردن جي عمر ۽ ذهني سطح، مناسب لفظن جو ذخيرو، سادو اسلوب ۽ شاگردن جي دلچسپيءَ جي عنصر کي قائم رکڻ لاءِ واضح ۽ وڻندڙ تصويرون وغيره.

هن ڪاوش جي نتيجي ۾ استاد، شاگردن جي 'پڙهڻ' جي مهارتن: ڇَپيل تصوُر، صوتي ڄاڻ، صوتيات، لفظن جو ذخيرو، رواني ۽ تفهيم جي صلاحيتن ۾ واڌارو آڻي سگهندا. هي ٻِگ ٻُڪس، اسڪول لائبريري جو حصو بڻجندا تہ جيئن ايندڙ شاگرد پڻ هنن ڪتابن مان لاڀ حاصل ڪري سگهن ۽ ٻولي سکڻ ۽ پڙهڻ ۾ دلچسپيءَ جو هِي سلسلو جاري رهي.

اسان کي اميد آهي تہ پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي هيءَ ڪاوش سنڌ جي پرائمري اسڪولن ۾ پڙهڻ جي معيار کي بهتر کان بهتر بڻائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندي. پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ ۾ هيٺ ڏنل تعليمي ۽ تدريسي مواد شامل آهي:

- ٽي آءِ جي ماڊيولز
- ويڊيوز
- سبقي منصوبا
- ورڪ ٻُڪ
- فليش ڪارڊز
- ٻِگ ٻُڪس
- ليولڊ ريڊرز

تدريسي مواد جي تياريءَ دؤران هن کي هر قسم جي غلطيءَ کان آجو رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي آهي. تنهن هوندي بہ استعمال دؤران جيڪڏهن ڪا ڪَمي نظر اچي تہ ان بابت مهرباني ڪري تُرت پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي صوبائي/ ضلعي آفيس کي ڄاڻ ڏني وڃي. ان سهڪار جي لاءِ اسان اوهان جا ٿورائتا رهنداسين.

# اُستادن جي لاءِ هدايتون

نوٽ: شاگردن کي هفتي جا پهريان ٻه ڏينهن مڪمل ڪهاڻي پڙهي ٻُڌايو ۽ هيٺ ڏنل هدايتن تي عمل ڪريو.

## پهريون ڏينهن

(اڳڪٿي، اڳوڻي معلومات ۽ ڇپيل تصور)

### پڙهڻ کان پهرين

شاگردن کي ڪهاڻيءَ جو ٽائيٽل ڏيکاري پڇو ته:

» توهان جي خيال اڄ جي ڪهاڻي جو عنوان ڇا آهي؟
» تصوير ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟

### پڙهڻ دوران

» صفحو نمبر 1 ڏيکاريو ۽ پڇو ته توهان جي خيال ۾ هن منظر ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟
» صفحو نمبر 12 ڏيکاريو ۽ پڇو ته توهان جي خيال ۾ هن منظر ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟

### پڙهڻ کان پوءِ

» مُسڪان ڪير هُئي؟
» اُستاد مُسڪان جي تعريف ڇو ڪندا هئا؟
» ارم ڇو شرمسار ٿي؟

## ٻيو ڏينهن

(لفظن جو ذخيرو، سنڌي ۽ ٻي ڪا مادري زبان ۽ آوازن جي مشق)

### پڙهڻ کان پوءِ

» شاگرن کي هيٺ ڏنل ٻه لفظ ٻڌائي ان ٽيون هم آواز لفظ ٻُڌائڻ لاءِ چئو.

گهر، ڀَر ____، سَڏ، گڏ ____، درجو، ڀرجو ____،
شام، عام ____،ڀَڪ، تڪ ____، ڪتاب، حساب ____.

(ٿي سگهي ٿو ته توهان جي ڪلاس ۾ ڪجهه اهڙا ٻار موجود هجن جن جي مادري ٻولي سنڌي نه هجي، ان صورت ۾ هي سوال توهان انهن ٻارن کان پڇندؤ).

» شاگردن کي ڪهاڻيءَ جو پهريون صفحو ڏيکاري پڇو ته توهان جي ٻوليءَ ۾ راند کي ڇا چوندا آهن؟
» صفحو نمبر 11 تي ’ڪُرسيءَ‘ جي تصوير ڏيکاري شاگردن کان پڇو ته توهان جي ٻوليءَ ۾ هن کي ڇا چوندا آهن؟
» صفحي نمبر 10 ۾ ڏنل جملو ’زينت چيو: مان جج ٿي توهان کي ڏسندس.‘ کي تاثرات سان ادا ڪري انهن جي ٻولي ۾ ورجائڻ لاءِ چئو.

## ٽيون ڏينهن

(لفظن جو ذخيرو، پهاڪا ۽ اصطلاح)

### پڙهڻ کان پوءِ

» صفحي نمبر 4 ۾ جملو ’مُسڪان هڪ باهمت ڇوڪري آهي.‘ ۾ باهمت جي معنيٰ ٻُڌايو ’همت واري‘ پوءِ مثال ڏيو. (رزاق باهمت ڇوڪرو آهي.) اهڙيءَ طرح ٻيا جملا ٺاهڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪيو.
» صفحي نمبر 5 ۾ جملو ’ڪيس ڪا به مشڪل ناهي ٿيندي.‘ ۾ مُشڪل جي معنيٰ ٻُڌايو ’ڏکيائي‘ پوءِ مثال ڏيو. (مون کي رياضيءَ جو مضمون مُشڪل لڳندو آهي.) اهڙيءَ طرح ٻيا جملا ٺاهڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪيو.
» صفحي نمبر 7 ۾ لفظ ’صلاح‘ کي جملن ۾ استعمال ڪرايو.
» صفحي نمبر 10 ۾ لفظ ’مقابلو‘ کي جملن ۾ استعمال ڪرايو.
» صفحي نمبر 11 ۾ لفظ ’نعرا‘ کي جملن ۾ استعمال ڪرايو.

## چوٿون ڏينهن

(تفهيم، ڪهاڻيءَ جو ذاتي زندگيءَ سان ڳانڍاپو)

### پڙهڻ کان پوءِ

» ڇا توهان جي اسڪول يا آس پاس مُسڪان جهڙا ٻار آهن؟
» ڇا اسان کي ڪڏهن ڪنهن جي عيب تي ٺٺولي ڪرڻ گهرجي؟
» مُسڪان جهڙن ٻارن سان ڪهڙو ورتاءُ رکجي؟
» آخر ۾ ڊوڙ جو مقابلو ڪنهن کٽيو؟
» جيڪڏهن توهان جي اسڪول يا آس پاس مُسڪان جهڙا ٻار آهن ته توهان انهن جي ڪهڙي ريت مدد ڪري سگهو ٿا؟
» اهڙن ٻارن جي همٿ وڌائڻ لاءِ توهان انهن کي ڇا چوندو؟

www.pakreading.org

This publication is made possible by the support of the American people through the United States Agency for International Development (USAID). It is produced by the USAID-funded Pakistan Reading Project in collaboration with the provincial/regional government. The contents are the sole responsibility of the project and do not necessarily reflect the views of USAID or the United States Government.

هن اشاعت جي فراهمي آمريڪي عوام جي سهڪار سان بين الاقوامي ترقيءَ جي آمريڪي اداري طرفان ڪئي وئي آهي. هي دستاويز يو ايس ايڊ-پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ، صوبائي/ علائقائي حڪومتن جي تعاون ۽ ڀائيواري سان تيار ڪيو آهي. هن اشاعت جي مڪمل ذميواري پاڪستان ريڊنگ پراجيڪٽ جي آهي ۽ ضروري نه آهي ته هي يو ايس ايڊ يا آمريڪي حڪومت جي نظريي جي عڪاسي ڪندي هجي.